آغا خان یونیورسٹی ایگزامینیشن بورڈ

AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD

## هائير سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ
## امتحاني سليبس

# سنڌي

### ٻارهين درجي لاءِ

DRAFT

ناشر

آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ

بلاڪ-سي،آئي اي ڊي-پي ڊي سي،1-5 /7-بي فيڊرل بي- ايريا،

ڪريم آباد، ڪراچي

مئي 2024ع

© The Aga Khan University Examination Board, 2024.

All rights and entitlements reserved.
This syllabus is developed by Aga Khan University Examination Board for distribution to all its affiliated schools only. No part of this syllabus may be copied, reproduced or used for any other purpose whatsoever without prior written permission of the Aga Khan University Examination Board.

# هائير سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ
# امتحاني سليبس

# سنڌي

## ٻارهين درجي لاءِ

DRAFT

**ساليانا ۽ ضمني امتحان 2025ع کان هن نصاب (سليبس) مطابق ورتا ويندا.**

| صفحو نمبر | عنوان |
|---|---|
| 5 | پيش لفظ |
| 7 | آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جي نصاب (سليبس) جو تعارف |
| 9 | آغا خان يونيورسٽي ايگزامينيشن بورڊ جي سنڌي جي امتحاني نصاب (سليبس) لاءِ خاص دليل (Rationale) |
| 12 | شاگردن جي سکيا جي حاصلات |
| 21 | جاچ جو طريقيڪار (Scheme of Assessment) |
| 23 | خدمتن جو اعتراف |


DRAFT


معلومات ۽ پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ رابطو ڪندا:

ڏس پتو: آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ ، C بلاڪ PDC-IED،

1-5/B-7 فيبدرل بي ايريا ، ڪريم آباد ، ڪراچي

فون : 36827011 (92-21)

فيڪس : 36827019 (92-21)

اي ميل: examination.board@aku.edu

ويب سائيٽ: https:// examination.borad.aku.edu

فيس بڪ: www.facebook.com/akueb/

## پيش لفظ

سال 2002 ۾ آرڊيننس CXIV تحت قائم ٿيندڙ آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ (AKU-EB) پاڪستان ۾ ثانوي (SSC) ۽ اعليٰ ثانوي (HSSC) سطح تي امتحان وٺندڙ پهريون خود مختيار خانگي ادارو آهي. آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جو نصب العين آهي ته اُهو، نه صرف پاڪستان بلڪه ترقي پذير دنيا ۾ تعليمي نظام جي حوالي سان مهارت ۾ جديد طرز جو بنياد بڻجي وڃي.

پنهنجي هن نصب العين جي پورائي جي حڪمت عملين مان هڪ طريقو، اهڙو نصاب مرتب ڪرڻ آهي، جيڪو حڪومت پاڪستان جي تجويز ڪيل قومي نصاب (National Curriculum) جي بنياد تي شاگردن کي تعليمي تصورن تي سوچ ويچار، غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ اتساهي ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري.

آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ هر ڇئن سالن کان پوءِ پنهنجي نصاب (سليبس) تي نظرثاني ڪندو آهي ته جيئن اهو شاگردن، استادن ۽ امتحان وٺندڙن (ممتحنن) جي ضرورتن سان هم آهنگ رهي.

ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي درجن جي نصاب (سليبس) جي 2019ع ۾ نظرثاني ڪندي هيٺ ڏنل هدفن کي آڏو رکيو ويو آهي.

- پاڪستاني قومي نصاب ۾ تجويز ڪيل هدفن ۽ مقصدن سان گڏوگڏ مستقل هم آهنگي برقرار رهي.
- نصاب (سليبس) جي متن کي نظرثاني ڪندي متروڪ يا قديم ڄاڻ بدران جديد معلومات شامل ڪئي وڃي.
- شاگردن، استادن ۽ امتحان وٺندڙن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، متن جي نظرثاني اهڙي ريت ڪئي وڃي، جو ان ۾ شامل هر شيءِ واضح ۽ لاڳاپيل هجي.
- نه رڳو ثانوي ۽ اعلي ثانوي (SSC & HSSC) درجن ، پر اڳيئن مرحلن ۾ به علمي تسلسل کي مضبوطي ۽ تقويت ملي.
- شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تيار رهن.

نصاب (سليبس) تي نظرثاني ڪرڻ دوران سيني اسٽيڪ هولڊرن جي ضرورتن کي معلوم ڪرڻ خاطر هڪ سروي ڪيو ويو. آغا خان يونيورسٽي بورڊ سان الحاق شده اسڪولن جي شاگردن ۽ استادن ان سروي ۾ حصو ورتو. ٻئي مرحلي ۾ بورڊ سان لاڳاپيل ۽ اڻ لاڳاپيل اسڪولن کان ڪوتايل ممتحنين، استادن، استادن کي تربيت ڏيندڙ ماهرن ۽ پراڻن شاگردن تي مشتمل پينل هڪ ٽي تيل، باريڪ بين ۽ معياري طريقو اختيار ڪندي نصاب ۾ تبديلي لاءِ ڪنهن به ڏکئي مرحلي مان نه گذريا.

نصاب کي موضوعن ۽ ان جي ذيلي موضوعن ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. هر ذيلي موضوع اهڙن شاگردن جي سکيا جي حاصلات (SLOs) ۾ ورهايل آهي جن جو حصول، شاگردن جي سکيا جي حاصلات کي شاگردن جي ذهني استعداد ۽ لياقت جي مطابق مختلف تفهيمي درجن / مرحلن (Cognitive domains) ۾ ورهائي ٿو. اهي تفهيمي درجا / مرحلا ڄاڻ، سمجهه ۽ اطلاق آهن. ان ۾ اعليٰ درجي جون مهارتون پڻ شامل آهن.

DRAFT

ان بعد امتحاني پرچن جي تفصيل (Exam Specifications) جو نمبر اچي ٿو ، جنهن ۾ واضح رهنمائي ڏني وڃي ٿي، ته هر مضمون ڪيترين مارڪن جو هوندو ۽ ان جي جاچ پڙتال ڪهڙي نموني ڪئي ويندي.

هن نظرثاني ٿيل نصاب جي تياري ۾ (AKU-EB Curriculum Development Unit) جي تخليقي صلاحيتن، محنت شوق ۽ ( AKU-EB) جي ٻين (Units) جو پڻ وڏو ڪردار آهي. اسين ڪاشف حسين ۽ فرحان خان جا شڪر گذار آهيون، جن سيني نظر ثاني جي سرگرمين ۾ رهنمائي جو ڪردار ادا ڪيو. اسين رابعه هيراڻي جا پڻ ٿورائتا، جو ان نظرثاني جي پوري عمل دوران پنهنجي قائدانه صلاحيتن سان نصاب کي پورو ڪيو.

انهن شاگردن ۽ استادن جا پڻ شڪرگذار آهيون، جن needs assessment survey ۾ حصو ورتو. انهن سيني پرنسيپال صاحبن جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن پنهنجن شاگردن جي حوصلي افزائي ڪئي جو Survey ۽ Syllabus revision panel جو حصو بڻيا.

اهو سمورو اوهان جي محنت ۽ حوصلي افزائي جو ئي نتيجو آهي، جو پاڪستان جي قومي نصاب تي موثر انداز ۾ عمل در آمد يقيني بڻائڻ لاءِ AKU-EB هن نصاب (سليبس) جي ذريعي ضروري قدم کڻي سگهيو. اسان کي يقين آهي ته هي سليبس شاگردن کي اُها مدد ۽ تعاون فراهم ڪندو، جنهن جي انهن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي اڳين مرحلن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گهرج آهي ۽ اسين سيني شاگردن ۽ استادن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪريون ٿا، جيڪي هن سليبس کي ڪتب آڻيندا.

**ڊاڪٽر نويد يوسف**
چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سي اي او) آغا خان يونيورسٽي ايگزامينيشن بورڊ
چيئر ائنڊ ايسوسيئيٽ پروفيسر آف پريڪٽس، تعليمي ترقي، فيڪلٽي آف هيلٿ سائنس، آغا خان يونيورسٽي

DRAFT

# آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جي نصاب (سليبس) جو تعارف

-1 آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ کي سن 2002ع ۾ جاري ٿيندڙ آرڊيننس نمبر CXIV جي تحت ذميواري ڏني وئي آهي، ته شاگردن جي سکڻ واري عمل ۾ نکار پيدا ڪرڻ لاءِ قومي نصاب (National Curriculum) ۾ مقرر ڪيل هدفن جي حصول ۽ ان جي جاچ پڙتال کان علاوه بيا به مناسب قدم کڻي، جيڪي تعليمي ميدان ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جي عمل کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪن، ادارا موثر تين ۽ بين ذيلي ۽ واسطيدار معاملن ۾ بهتري پيدا ٿئي.

-2 گهربل ذميواريون نڀائڻ لاءِ آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جا ترتيب ڏنل نصاب (سليبس) اهم ذريعا آهن. ان سيني موضوعن تي ٻڌل نصاب (سليبس) جو بنياد پاڪستان جو قومي نصاب 2006 (National Curriculum) ۽ نيشنل اسڪيم آف اسٽڊيز (National Scheme of Studies) 2006-2007 مطابق ٻڌل آهي. جيڪو قومي نصاب (National Curriculum) ۾ تجويز ڪيل انهن سيني تفهيمي حاصلات جو احاطو ڪري ٿو، جن جي معتبر ۽ درست طريقي سان جاچ جوچ ڪئي ويجي ٿي.

جڏهن ته ان نصاب جو مقصد، نيشنل اسڪيم آف اسٽڊيز (National Scheme of Studies) ۾ تجويز ڪيل گهربل تعليمي هدف حاصل ڪرڻ آهي، جيڪي مشاهدي، تخليقي صلاحيتن سميت اعليٰ درجي جي بين مهارتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪن ٿا، ته جيئن ايڪيهين صدي جي شاگردن جون گهرجون پوريون ڪري سگهجن.

-3 هر هڪ مضمون جي نصاب (سليبس) ۾ متن کي سولي کان ڏکئي طرف وني ويندڙ ٻڌايو ويو آهي. ائين نصاب (سليبس) ۾ شامل موضوعن جا درجه به درجه تصوراتي فهم حاصل ٿيندا رهن ٿا.

-4 نصاب (سليبس) ۾ موجود موضوعن کي قومي نصاب (National Curriculum) تان اخذ ڪيل مضمونن جي خلاصي جي بنياد تي ترتيب ڏنو ويو آهي.

-5 نصاب (سليبس) ۾ موجود موضوعن کي ذيلي عنوانن ۾ شاگردن جي سکيا جي حاصلات (SLOs) ۾ ورهايو ويو آهي . ذيلي عنوان ۾ شاگردن جي سکيا جي حاصلات (SLOs) بيان ڪن ٿا ته مضمون جي تدريس ۾ امتحان، ڪيتري گِهرائي ۽ وسعت تائين تي سگهن ٿو. اهڙي طرح اهو چئي سگهجي ٿو ته هي نصاب، قومي نصاب (National Curriculum) جي گهرجن جي پورائي لاءِ، جتي ضرورت هجي. شاگردن جي سکڻ واري عمل کي بهتر بڻائڻ لاءِ شاگردن جي سکيا جي حاصلات مهيا ڪري ٿو.

-6 هر هڪ شاگرد جي سکيا جي حاصلات (SLO)، امري لفظ (Command Word) ڪتب اچي ٿو، جهڙوڪ: بيان ڪريو، وضاحت ڪريو، وغيره .

امري لفظن (Command Words) جي استعمال جو مقصد استادن ۽ شاگردن جو ڌيان، ان مخصوص ڪمن طرف ڏيارڻ آهي، جن جي آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جي نصاب (سليبس) ۾ اميدوارن کان اميد ڪئي ويجي ٿي، ته اهي پنهنجي مضمون جي پڙهائي جي سلسلي ۾ ان تي عمل ڪندا.

امتحاني سوال، انهن امري لفظن (Command Words) کي استعمال ڪندي جوڙيا ويندا، پر لفظ هُوبهو اهي ئي هجن، اِهو ضروري به ناهي، ڇو ته انهن جي ذريعي ئي اميدوارن جي جوابن مان انهن جي قابليت جو اندازو ٿي سگهندو.

7- شاگردن جي سکيا جي حاصلات جي ٽن تفهيمي سطحن: ڄاڻ (K)، سمجهه (U)، اطلاق (A) ۾ ڀين اعليٰ درجن ۾ ورهايو ويو آهي، تہ جيئن نصاب (سليبس) جي مطابق معروضي ۽ موضوعي گهرجون پوريون ڪري سگهجن.

تدريس دوران نصاب جي موثر منصوبہ بندي ڪرڻ، نصاب (سليبس) مان گهڻ چونڊائتا سوال ۽ منطقي بنياد تي موضوعاتي سوال اخذ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. گڏوگڏ ان ڳالهہ کي پڻ يقيني بڻايو ويو آهي، تہ امتحانن سان قومي نصاب (National Curriculum) جون گهرجون ۽ مقصد پڻ سهڻي ريت پوريون ٿين.

8- شاگردن جي سکيا جي حاصلات (SLOs) جي حصول تي ڌيان رکڻ سان گڏوگڏ هن نصاب (سليبس) جو مقصد رٽو هڻڻ واري رواج کي ختم ڪرڻ آهي، جنهن کي پاڪستان جي تعليمي نظام ۾ امتحان جي تياري لاءِ ترجيحي يا اوليت وارو طريقو سمجهيو وڃي ٿو. آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ استادن ۽ شاگردن لاءِ اهو تجويز ڪري ٿو تہ اهي ان شاگردن جي سکيا جي حاصلات جي حصول لاءِ مختلف تدريسي ۽ تعليمي مواد استعمال ڪن.

9- هي نصاب سيني مضمونن لاءِ هڪجهڙي ترتيب تي عمل ڪري ٿو تہ جيئن هي شاگردن ۽ استادن ٻنهي لاءِ آسان هجي. هي نصاب شاگردن، استادن ۽ ممتحنين جي وچ ۾ رابطي جو ڪم سر انجام ڏئي ٿو.

شاگردن جي سکيا جي حاصلات (SLOs) ۽ امتحاني پرچن جي تفصيل (Exam Specification) کي هڪ گڏيل خاڪي ۾ پابند ڪري ٿو.

10- مجموعي طور آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جي ثانوي درجن (SSC) جو نصاب (سليبس) شاگردن کي اهڙي مدد فراهم ڪري ٿو جن جي ذريعي اهي قومي نصاب (National Curriculum) ۾ انهن معيارن کي حاصل ڪري سگهن جن جي ذريعي اُهي پنهنجي اندر تصوراتي تفهيم، تنقيدي سوچ ۽ مسئلن جي حل ڪڍڻ واريون مهارتون پيدا ڪري سگهن. شاگردن لاءِ اُهو هڪ مضبوط بنياد ثابت ٿيندو تہ جيئن اُهي، ان ڪان پوءِ اعليٰ ثانوي (HSSC) تعليم جي اڳين درجن يا ڪلاسن لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهن.

DRAFT

## آغا خان يونيورسٽي ايگزامينيشن بورڊ جي سنڌي جي امتحاني نصاب (سليبس) لاءِ خاص دليل (Rationale)

جهڙي ريت دنيا جي هر قوم پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ اورچائي ڪندي آهي، پنهنجي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ جفاڪشي ڪندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي سڃاڻپ تي فخر ڪندي آهي، نيڪ اهڙي ريت سنڌين کي ٻه پنهنجي ان سڃاڻپ، يعني ٻوليءَ تي فخر آهي.

دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو جاهه ۽ مرتبو حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، مولوي حاجي احمد ملاح، مير عبدالحسين خان سانگي، مير حسن علي خان حسن ٽالپر، سيد ثابت علي شاهه، ليکراج ڪشنچند عزيز، ڪشنچند بيوس، محمد صديق مسافر، شيخ اياز، استاد بخاري، سومرو سودائي، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ سرويچ سڄاولي جهڙن شاعرن جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، جن پنهنجن مداحن کي پنهنجي شاعري جي ذريعي اسير بڻائي رکيو آهي. پاڪستان ۽ هندستان کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ملڪن، خاص ڪري تنزانيا، ڪينيا، يوگنڊا، اوڀر آفريڪا، ڏکڻ آفريڪا، مالاگاسي، انگلستان، آمريڪا، هانگ ڪانگ، چين، عمان، انڊونيشيا، ملائيشيا، ٿائيلينڊ، سنگاپور، گڏيل عرب امارتن، ڪئناڊا، بيلجم ۽ ٻين ملڪن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو وڏو انگ رهي ٿو، جيڪو انهن علائقن ۾ سنڌي قوم جي نمائندگي ڪري ٿو. ڀٽائي، سنڌ جو اهو آفاقي شاعر آهي جنهن جو مٽ دنيا ۾ پيدا ناهي ٿي سگهيو. سندس شاعري جا ترجما ڪيترين ئي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. شاهه، سچل ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جي ڪلام تي تحقيق ڪندي، ڪيترن ئي محققن ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيون آهن. سنڌي ٻولي، توڙي جو ڳالهائيندڙن جي تعداد جي حساب کان پاڪستان ۾ ٻئي نمبر تي اچي ٿي، پر هي اها عظيم ٻولي آهي، جيڪا مڪمل ۽ ترقي يافته ٻولين جي معيار تي پوري لهندڙ، ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ٻولي آهي، جنهن جو بنياد پنجن هزارن سالن کان ٻه پراڻو آهي ۽ ان دور ۾ ٻه اها هڪ مڪمل ٻوليءَ جي حيثيت رکندي هئي. اهڙي عظمت واري ٻولي جا وارث هجڻ جي ناتي، اسان خوش قسمت آهيون، ته پوءِ اسان کي اهڙي ٻولي کي يقيني طور پنهنجي دل ۽ دماغ جو آواز بڻائڻ گهرجي. سنڌي ٻولي اها ٻولي آهي، جنهن جي مصنفن جهڙوڪ: مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، علامه آءِ آءِ قاضي، جي ايم سيد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد عثمان ڏيپلائي، سيد عطا حسين شاهه موسوي، موهن ڪلپنا، ڪيرت ٻاٻاڻي، لڇمڻ ڪومل ڀاٽيا، رسول بخش پليجو، نورالهديٰ شاهه، امر جليل، نسيم کرل، ثميره زرين، ڊاڪٽر سحر امداد، جمال ابڙو، طارق اشرف، آغا سليم، سراج الحق ميمڻ، علي بابا، علي احمد بروهي ۽ الطاف شيخ جهڙن ليکڪن کي پڙهندي توهان تفريح ۽ ڄاڻ ٻئي گڏوگڏ حاصل ڪري سگهو ٿا.

هڪ مشهور چوڻي آهي ته: ”انسان پنهنجي زبان هيٺان لڪيل آهي“ مطلب ته جڏهن توهان لفظن جي بهترين ذخيري جي مدد سان ڳالهه ٻولهه ڪندئو ته، ٻين جي مقابلي ۾ چٽا ۽ نروار ٿي سگهندئو، خاص ڪري ان جي سامهون جنهن سنڌي ٻولي کي گهڻي اهميت ڏني هوندي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي جي پڙهائي، توهان کي هڪ خاص سڃاڻپ ڏئي ٿي.

سنڌي ٻولي، دنيا جي اها منفرد ٻولي آهي جنهن ۾ ڳالهائڻ جا سمورا آواز موجود آهن. ان ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ، دنيا جي هر ٻولي جا لفظ اچارڻ جي سگهه رکي ٿو. جهڙي ريت هن ٻوليءَ ۾ سنسڪرت، هندي، عربي، فارسي، سرائيڪي، انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين جي لفظن جو ذخيرو جذب ٿيل آهي؛ اهڙي ريت سنڌي ٻولي، پنهنجا لفظ ٻين ٻولين کي ڏيئي انهن جي سنوار پڻ ڪئي آهي.

هڪ شاگرد جي لاءِ هيءَ هڪ تهذيبي ٻولي آهي، جنهن جي ذريعي پڙهندڙ پنهنجن خيالن، نياپن ۽ فڪر جو اظهار سهڻن لفظن سان ڪري سگهي ٿو.

اسڪول ۾ پڙهايا ويندڙ ٻيا مضمون، ڄاڻ ۽ حقيقتن تي ٻڌل هوندا آهن، جڏهن ته ٻولي هڪ اهڙو موضوع آهي، جيڪو سڌو سنئون اسان جي سوچ ۽ خيال کي زبان عطا ڪندو آهي. ان ڪري اسان پنهنجي دل ۽ دماغ جون ڳالهيون سهڻي ۽ اعليٰ نموني، صرف پنهنجي ٻولي جي ذريعي ئي ڪري سگهون ٿا.

جڏهن امتحانن ۾ نمبر کڻڻ جي ڳالهه ايندي آهي، ته اها به شاگردن جي لاءِ اهميت رکي ٿي، اهڙي صورت ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ کي سهڻي انداز ۾ پڙهي، ٿورڙي ڪوشش سان شاگرد سٺا نمبر حاصل ڪري سگهن ٿا.

هڪ شاگرد کي سنڌي ٻولي سان گڏ ٻيون ٻوليون به پڙهڻيون پونديون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي ذريعي شاگرد ٻين ٻولين ۾ لکيل مواد پڙهي، سٺي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿو پر، مادري ٻولي اهو ورثو آهي جنهن جي ذريعي نه صرف ڄاڻ پر شاگرد شعور حاصل ڪن ٿا، جيڪو سنڌي قوم جي بهتري جو بنيادي ذريعو آهي. ان جي ابتڙ جڏهن اسان پنهنجي ٻولي کي ڇڏي، ٻي ڪنهن ٻولي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪندا سين ته اسان جي سوچ، فڪر ۽ شعور محدود ٿي، هڪ حد تائين رڪجي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو معاشري ۾ تيسيتائين پنهنجو مقام حاصل نه ٿو ڪري سگهي ۽ ڪامياب انسان نه ٿو ٿي سگهي، جيسيتائين پنهنجي مادري ٻولي تي عبور حاصل نه ٿو ڪري وٺي.

جيڪڏهن توهان پڙهڻ پڙهائڻ سان واسطو رکو ٿا، ته سنڌي ٻوليءَ جو مضمون توهان جي لاءِ انتهائي اهم آهي، ڇو ته سنڌي ٻولي توهان جي لاءِ معاشري ۾ ڪاميابي جا ڪيترا ئي دروازا کولي ڇڏي ٿي، توهان پنهنجي ملڪ ۾ ٻولي جا ماهر ٿي سگهو ٿا، صحافت، ميڊيا، تعليم وغيره ۾ پنهنجي قابليت جا جوهر ڏيکاري سگهو ٿا. ان سان گڏو گڏ جيڪڏهن توهان جو لاڙو ڪنهن ٻئي شعبي ڏانهن آهي مثال طور، ڊاڪٽر، انجنيئر، آفيسر وغيره تڏهن به پنهنجي ٻولي ئي توهان جو وقار بلند ڪرڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندي.

هن وقت دنيا جون قومون هڪ ٻئي سان ڳنڍجڻ لڳيون آهن، اهڙي صورت ۾ هر قوم، ٻئي قوم جو ادب پڙهي انهن جا خيال ۽ ويچار ڄاڻڻ چاهي ٿي. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن توهان هڪ مترجم جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻولي ۾ مواد کي ترجمو ڪرڻ جي قابليت رکندڙ هوندا.

## هن امتحاني نصاب (سليبس) کي مرتب ڪرڻ مهل هيٺين نڪتن کي ڌيان ۾ رکيو ويو آهي:

هن امتحاني نصاب (سليبس) جي هڪ ڳالهه اها آهي، ته ان ۾ ٻولي جي مهارتن تي زور ڏنو ويو آهي ۽ انهن مهارتن جي بهتري لاءِ مختلف تعليمي مقصد ڏنا ويا آهن.

روايتي طريقي جي بدران جديد تعليمي طريقن کي اهميت ڏني وئي آهي، ته جيئن شاگرد، سنڌي پڙهڻ دوران دلچسپي وٺن.

شاگردن ۾ گروهي سرگرمين جي ڪري، هڪ ٻئي جي خيالن کي سمجهڻ ۽ پنهنجن خيالن کي بهتر نموني پيش ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي. ان سان گڏ انهن ۾ بحث مباحثي ۾ حصو وٺڻ جي عادت پڻ پيدا ٿيندي، جنهن جي ڪري انهن ۾ خوداعتمادي جنم وٺندي.

ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي مهارت تي ٿورڙي ڌيان وڌائڻ سان، شاگرد امتحان ۾ سٺا نمبر کڻي سگهن ٿا.

شاگردن جي سکيا جي حاصلات (Student Learning Outcomes) مقرر ڪرڻ جي ڪري استاد ۽ شاگرد، پنهنجي نصاب جو اندازو سولائي سان لڳائي سگهندا.

DRAFT

طوطي بازي ۽ بي غير واسطيدار مواد جي ننڍا جي ڪري، شاگرد پهنجن جوابن ڏيڻ جي تياري، تفهيمي درجن (Cognitive Levels) مطابق ڪري سگهندا.

هي امتحاني نصاب (سليبس) اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ جي جاري ڪيل "سنڌي لازمي جو نصاب" يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ سال 2019ع ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري پاران تيار ڪيل درسي ڪتاب "سنڌي لازمي" يارهين ۽ ٻارهين درجن لاءِ، جي بنياد تي جوڙيو ويو آهي.

## آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ، سنڌي جو امتحاني سليبس، ٻارهين جماعت جي شاگردن جي سکيا جي حاصلات

### درجو ٻارهون

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا[1] جاڻ | سمجهه | اطلاق |
|---|---|---|---|---|---|
| 1. پڙهڻ | | شاگرد ان قابل ٿي سگهندا ته اهي: | | | |
| | 1.1.1 | گهٽ ۾ گهٽ سورهن هزارن (16000) لفظن ۽ ترڪيبن جي ذخيري کي پُڙي، انهن کي ذهن نشين ڪري، درست اچارن سان بيان ڪري سگهن. | * | | |
| | 1.1.2 | سُتِ سماءُ جي عام وسيلن جهڙوڪ: ريڊئي، ٽيليويزن، موبائل فون، انٽرنيٽ (گوگل، ٽوئيٽر، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽن وغيره) جي ذريعي مليل ڄاڻ پڙي، ان جو جائزو وٺي سگهن. | | | * |
| | 1.1.3 | سنڌي نثر جي مختلف صنفن جهڙوڪ: ڪهاڻي، ناول، سفرنامي، آتم ڪهاڻي، سوانح عمري، خاڪي، خط ۽ مضمون کي خوبين ۽ خامين سميت پڙي، سمجهي، ان جو جائزو وٺي سگهن. | | * | |
| | 1.1.4 | سنڌي نظم جي مختلف صنفن جهڙوڪ: بيت، وائي / ڪافي، نظم، غزل، حمد، نعت، مناجات، مرثيي ۽ سينگار کي خوبين ۽ خامين سميت پڙي، سمجهي، ان جو جائزو وٺي سگهن. | | * | |
| | 1.1.5 | سنڌي ٻولي جي مختلف لفظن ۽ ترڪيبن کي پڙي، انهن جي اصطلاحن، اشتقاقن، عددن، جنسن ۽ حالتن وغيره کي سمجهي، بيان ڪري سگهن. | | * | |
| | 1.1.6 | آکاڻي يا مڪالما پڙي، انهن جي جزن ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشني ۾ تبديلي ڪري سگهن. | | | * |

DRAFT

[1] تنهي تفهيمي درجن لاءِ امري لفظ (Command Words) شاگردن جي سکيا جي حاصلات ۾ استعمال ٿيا آهن، جيڪي امتحاني سوالن ۾ پڻ استعمال ڪيا ويندا.

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا[1] | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | ڄاڻ | سمجھ | اطلاق |
| | 1.1.7 | شاعري پڙهي، ان جي بيتن ۽ اهم نڪتن کي پنهنجين يادگيرين سان ڳنڍي پنهنجي تقرير ۽ لکت ۾ پيش ڪري سگهن، | | | ج س[2] |
| | 1.1.8 | احساس، جذبن ۽ تاثرن جي حوالي سان مجازي بولي پڙهي، ان تي بحث ڪري سگهن، | | * | |
| | 1.1.9 | تنقيدي گفتگو پڙهي، ان تي پنهنجي راءِ ڏيئي سگهن، | | | * |
| | 1.1.10 | عبارت يا ڪا ڳالھ پڙهي، ان ۾ موجود وياڪرڻي اصولن کي ڇڃو ڪري سگهن، | | * | |
| | 1.1.11 | روزمره جي ڳالھ ٻولھ پڙهي، لفظن جي سٽاءَ، ترڪيبن، محاورن، پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن جي مجازي ۽ ڪناياتي معنيٰ توڙي حوالن تائين پهچ حاصل ڪري، انهن کي پنهنجن جملن ۾ دهرائي سگهن. | | * | |

[2] ج س مان مراد جماعتي سرگرمي آهي. ان قسم جي شاگردن جي سکيا جي حاصلات جي جاچ، امتحان ۾ نہ ڪئي ويندي



DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | ڄاڻ | سمجھ | اطلاق |
| 2. ڳالهائڻ | | شاگرد ان قابل ٿي سگھندا ته اهي: | | | |
| | 2.1.1 | ڪا به ڳالهه، آکاڻي، مڪالمو ۽ شاعري پڙهي، ترتيب سان ورجائيندي، ان ڪي پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشني ۾ پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.2 | ٻُڌ سماءَ جي وسيلن جي نموني تي مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه جو مظاهرو ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.3 | ٻُڌ سماءَ جي وسيلن تان پڙهل ڄاڻ تي تنقيدي ڳالهه ٻولهه پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.4 | ڪهاڻين، واقعن ۽ نظمن وغيره ڪي ڇڻي ريت پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.5 | لفظن ڪي مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان درست اُچار ۽ لئي سان پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.6 | شاعري جي گهاڙيٽي جي لحاظ کان مطلع، مقطع، قافيي، رديف، سادي وزن ۽ بحر جي سڃاڻپ ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.7 | ڪا به ڳالهه، شروع کان يا وچ مان پڙهي، ان ڪي مقصد ۽ حوالن سميت پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.8 | ڏکي ڳالهه ڪي پنهنجي يادداشت موجب تسلسل ۽ مثالن سان سمجهائي سگھن. | | ج س | |
| | 2.1.9 | علمي، ادبي، مجازي ۽ اصطلاحي حوالي سان پنهنجو نقط نظر پيش ڪندي، تنقيدي ڳالهه ٻولهه ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.10 | ريڊئي ۽ ٽيليويزن تان خبرون، تجزيا، ناٽڪ، فيچر، موسيقي ۽ ٻيا معلوماتي پروگرام ٻڌي ۽ ڏسي، انهن جي اهم نڪتن ڪي ڳولي سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.11 | جديد ٽيڪنالاجي ذريعي، گوگل، يوٽيوب ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽن تان ڄاڻ حاصل ڪري انهن جي اهم نڪتن جو جائزو پيش ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 2.1.12 | ڪنهن به علمي، ادبي، سماجي ۽ زندگي سان لاڳاپيل مختلف موضوعن تي پنهنجي مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشني ۾ دليلن سان درست اُچار ۽ بهتر لهجي ۾ چئن کان پنجن | | | ج س |

DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | جاڻ | سمجھ | اطلاق |
| | | منٿن تائين زباني تقرير پيش ڪري سگھن، | | | |
| | 2.1.13 | ڪنهن بہ ادبي، علمي ۽ سماجي موضوع تي، درست لهجي ۽ اُچار سان ستن کان اٺن منٽن تائين لکيل تقرير ڏسي پڙهي سگھن، | | ج س | |
| | 2.1.14 | تقرير جي فني اصولن کي آڏو رکي، خود اعتمادي، بهتر انداز، تاثرن ۽ رواني سان پنهنجي عڪاسي ڪري سگھن، | | | ج س |
| | 2.1.15 | مباحثن، مذاڪرن ۽ سيمينارن ۾ حصو وٺي، ڪنهن بہ موضوع جي موافقت يا مخالفت ۾ دليلن ۽ آدابن سان پنهنجو اندازو پيش ڪري سگھن. | | | ج س |

DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | ڄاڻ | سمجھ | اطلاق |
| 3. پڙهڻ | | شاگرد ان قابل ٿي سگهندا تہ اهي: | | | |
| (درسي ڪتاب، سنڌي لازمي، يارهين ۽ ٻارهين درجي لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) | 3.1.1 | ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد، جھڙوڪ مختلف علمي، ادبي، صحافتي ۽ سرڪاري لکڻين، انٽرنيٽ، اي ميل ۽ سماجي رابطن جي ويب سائيٽن وغيره تي ڏنل مواد کي پڙهي سگھن. | * | | |
| | 3.1.2 | ڪنهن بہ عبارت کي خاص رفتار سان چونڊ انداز ۾ متاثرو پڙهي سگھن. | | | ج س |
| | 3.1.3 | تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان سماجي، ثقافتي ۽ معاشي لکڻين کي پڙهي سگھن. | | * | |
| | 3.1.4 | مواد چونڊي مطالعي جي عادت اختيار ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 3.1.5 | ادبي مطالعي کي روز مره زندگي سان لاڳو ڪري، ٻولي کي اظهار جي ذريعي طور استعمال ڪري سگھن. | | | ج س |
| | 3.1.6 | ڪنهن بہ لکت کي، ان جي ادبي خوبين ۽ خامين ۽ علم بيان جي حوالي سان سمجھي پڙهي سگھن، تہ جيئن عام ۽ ادبي لکڻين ۾ فرق ڪري سگھن. | | * | |
| | 3.1.7 | ڪنهن بہ قسم جي لکت کي پيشي وراڻي، سائنسي يا ٽيڪنيڪي حوالي سان پڙهي سگھن. | | * | |
| | 3.1.8 | ڪنهن بہ مضمون کي ان جي جزن، خاصيتن، اصطلاحن ۽ تصورن جي حوالي سان پڙهي سگھن. | | * | |
| | 3.1.9 | اخبارن، رسالن، خبرن، فيچرن، ادارين، رپورٽن، اشتهارن ۽ ايڊيٽرن ڏانهن لکيل خطن کي خاصيتن جي حوالي سان پڙهي، انهن جا جائزا وٺي سگھن. | | | * |
| | 3.1.10 | آفيسن جي حڪم نامن، ٽاٽن جي رپورٽن، عدالتي فيصلن، وڪالت نامن، قانوني دستاويزن، درخواستن، پيغامن، يادگيرين، نڪاح نامن جي فارمن، زمينن جي دستاويزن، مخففن وغيره کي پڙهي سگھن. | | | ج س |
| | 3.1.11 | نئين متن کي سمجھي، اعليٰ تخليقي ۽ تنقيدي سوالن جا جامع جواب لکي سگھن ۽ عبارت کي مناسب عنوان ڏيئي سگھن. | | * | |

DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا | | |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| | | | جاڻ | سمجھ | اطلاق |
| | 3.1.12 | ڊگھي عبارت يا متن جو خلاصو يا تت لکي سگھن، | | | * |
| | 3.1.13 | ڪنھن بہ ادب پاري جي مرڪزي خيال، بنيادي نڪتن، ڪردارن، واقعن، منظرن ۽ نتيجن بابت تنقيدي اصولن موجب لکي سگھن ۽ چوٽين توڙي بيتن جا حوالا ڏيئي، اهم نڪتا سمجھائي سگھن، | | * | |
| | 3.1.14 | پسنديدگي ۽ تنقيد جي اصولن کي آڏو رکي، ڪنھن بہ علمي ۽ ادبي لکت جو فني ۽ فڪري لحاظ کان جائزو وٺي، ان تي پنھنجي راءِ مطابق تنقيد ۽ تبصرو لکي، ان جي ادبي درجي بندي ڪري سگھن، | | * | |
| | 3.1.15 | عملي زندگي جي مسئلن جي حوالي سان پنھنجن جذبن، خيالن ۽ اندر جي آواز جي اظھار لاءِ لکي، پڙھي سگھن، | | | * |
| | 3.1.16 | شاعري جي بين اصطلاحن جھڙوڪ: سٽ، مصرع، شعر، بيت، بند، مطلع، مقطع، قافيي ۽ رديف وغيره جي وصف ۽ مثال پيش ڪري سگھن ، | | * | |
| | 3.1.17 | مختلف ادبي صنفن جھڙوڪ: بيت، غزل، نظم، ڪافي / وائي، مثنوي، حمد، نعت، مرثئي، قصيدي، ڪھاڻي، ناول، مضمون، خط، سفرنامي، آتم ڪھاڻي، سوانح عمري، خاڪي، ناٽڪ وغيره جون وصفون ٻڌائي سگھن، | | * | |
| | 3.1.18 | ڪنھن بہ فن پاري جو علم بيان جي روشني ۾ جائزو وٺي، ان ۾ تجنيس حرفي، تشبيھ، استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگھن، | | * | |
| | 3.1.19 | درسي ڪتابن کان سواءِ بين ادبي ۽ علمي ڪتابن پڙھڻ جو شوق رکي سگھن ۽ مطالعي لاءِ لائبريرين مان ڪتابن چونڊڻ جو شوق ۽ ذوق پيدا ڪري سگھن، | | | ج س |
| | 3.1.20 | مختلف قسمن جا بل (بجلي، گئس، ٽيليفون، پاڻي ۽ بيا) پڙھي سگھن. | | | ج س |

DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا<br>جاڻ | سمجهه | اطلاق |
|---|---|---|---|---|---|
| 4. لکڻ | | شاگرد ان قابل تي سگهندا تہ اهي: | | | |
| | 4.1.1 | علمي، ادبي، تاريخي، تحقيقي، تهذيبي، ثقافتي ۽ صحافتي موضوعن جي حوالي سان احوال لکي سگهن، | | | * |
| | 4.1.2 | کنهن بہ مضمون لکڻ وقت، علمي حاصلات ۽ بين نکتن تي پنهنجي تجويز پيش ڪري سگهن، | | | * |
| | 4.1.3 | راندين ۽ سماجي مسئلن بابت تبصرو يا بحث ڪري سگهن، | | | * |
| | 4.1.4 | موجوده سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن تي پنهنجي تجويز لکي سگهن، | | | * |
| | 4.1.5 | اسڪول، ڪاليج يا ان کان ٻاهر ڪنهن رسالي، ڪتاب يا ويب سائيٽ وغيره تي پنهنجيون لکڻيون پيش ڪري سگهن ۽ ٻين جي لکڻين کي مرتب ڪري سگهن، | | | ج س |
| | 4.1.6 | کنهن بہ تخليقي سطح جي لکت (ڊائري، اطلاع، اکين ڏٺي احوال، مضمون، ڪهاڻي، افساني وغيره) کي مناسب ترتيب ۽ اصلاح کان پوءِ پيش ڪري سگهن، | | | ج س |
| | 4.1.7 | کنهن بہ علمي مضمون ۾ لفظن، ترڪيبن ۽ اصطلاحن جي استعمال، مضمون جي اهم نکتن کي سمجهي، ان جو مرڪزي خيال، حاصل مقصد ۽ خلاصو لکي سگهن، | | | * |
| | 4.1.8 | شاعري جي صنفن جهڙوڪ: غزل، نظم، بيت، وائي / ڪافي وغيره ۾ فني ۽ فڪري پهلوئن کي آڏو رکي، پنهنجن خيالن کي ترتيب ۽ اصلاح کان پوءِ شاعري جي صورت ۾ تخليق ڪري سگهن، | | | * |
| | 4.1.9 | کنهن بہ موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشني ۾ ترتيب، دليلن ۽ اعليٰ مثالن سان گڏ منظر نگاري، مڪالما نگاري، ڪردار نگاري، ڪهاڻي يا مضمون وغيره جي صورت ۾ لکي سگهن، | | | * |
| | 4.1.10 | کنهن بہ علمي، ادبي، صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي جي روشني ۾ ترتيب، دليلن ۽ سهڻن مثالن ذريعي هم معنيٰ لفظن، قولن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، شعرن ۽ | | | * |

DRAFT

| مهارت | | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | تفهيمي درجا | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | ڄاڻ | سمجھ | اطلاق |
| | | محاورن کي استعمال ڪندي، پنجن سوَن لفظن تي ٻڌل مضمون تخليق ڪري سگھن، | | | |
| | 4.1.11 | تنقيد جي اصولن کان آگاھ ٿي، عملي تنقيد ڪري سگھن، | | | * |
| | 4.1.12 | ڪنهن بہ اڻ ڇپيل يا ٽيڪنيڪي (ڪمپيوٽر) متن جو جائزو وٺي، پنهنجي تنقيدي راءِ سان گڏ ان کي پنهنجن لفظن ۾ تبديل ڪري سگھن، | | | * |
| | 4.1.13 | روز مرہ زندگي جي مسئلن جي حوالي سان غير رسمي لک پڙھ ڪري سگھن، | | | * |
| | 4.1.14 | روز مرہ زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن جي حوالي سان عام مضمون، ڊائري، تفصيلي روئداد، آتم ڪهاڻي ۽ اکين ڏٺا احوال تفصيل سان لکي سگھن، | | | * |
| | 4.1.15 | روز مرہ زندگي سان لاڳاپيل دفتري، عدالتي، سماجي، تفريحي، سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ ٻين عملي گھرجن جي حوالي سان درخواست ۽ خط لکي سگھن ۽ گھربل فارم ۾ ڄاڻ داخل ڪري سگھن، | | | * |
| | 4.1.16 | سُڌ سماءَ جي ذريعن، ڪمپيوٽر وغيره جي اثرن جو زبان جي حوالي سان جائزو وٺي سگھن ۽ پنهنجو ذاتي نقطہ نظر بہ لاڳاپيل پليٽ فارم تي پيش ڪري سگھن. | | | * |

DRAFT

| اطلاق | سمجھ | ڄاڻ | شاگردن جي سکيا جي حاصلات | | مهارت |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | شاگرد ان قابل ٿي سگھندا تہ اهي: | | 5. زبان شناسي (وياڪرڻ) |
| | | * | صنعتن ۾ تجنيس جا قسم (تجنيس حرفي، تجنيس تام ۽ تجنيس ناقص) جي وصف ٻڌائي سگھن، | 5.1.1 | |
| | * | | ڪنهن بہ فن پاري جو علم بيان جي روشني ۾ جائزو وٺي، ان ۾ تجنيس حرفي، تشبيهہ، استعاري، مجاز مرسل ۽ ڪنايي وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگھن، | 5.1.2 | |
| ج س | | | ادبي محفل يا انداز بيان ۾ ترڪيب سازي ڪي سمجھي، مفرد، مرتب ۽ مرڪب جملن ڪي عملي طرح استعمال ڪري سگھن، | 5.1.3 | |
| | * | | ڪنهن بہ علمي مضمون ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ اصطلاحن جو استعمال ڪري سگھن، | 5.1.4 | |
| * | | | لغت ڪي اشتقاقن جي صورت، لغوي معنيٰ، ظاهري معنيٰ، اصطلاحي معنيٰ، ڪاروباري ڳالھ ٻولھ ۽ ٻين قسمن جي حوالي سان استعمال ڪري سگھن، | 5.1.5 | |
| | | ج س | هم معنيٰ ۽ لاڳاپيل لفظن جي لغت ڪي پاڻمرادو استعمال ڪري سگھن، | 5.1.6 | |
| | * | | ڳالهائڻ جي انن لفظن ۽ انهن جي قسمن جون وصفون ٻڌائي، پنهنجين لکڻين ۾ استعمال ڪري سگھن، | 5.1.7 | |
| | * | | فعل جي زمانن، انهن جي قسمن ۽ ۾ريوڳ ۽ ان جي قسمن جون وصفون ٻڌائي، پنهنجين لکڻين ۾ استعمال ڪري سگھن، | 5.1.8 | |
| * | | | اسمن ڪي صفتن ۽ صفتن ڪي اسمن ۾ بدلائي سگھن. | 5.1.9 | |

DRAFT

## جاچ جو طريقيڪار (Scheme of Assessment)

جدول 1: تفهيمي درجن مطابق سکيا جي حاصلات جو تعداد

| مهارت نمبر | مهارتون | تفهيمي درجا | | | ڪل |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ڄاڻ | سمجهه | اطلاق | |
| -1 | ٻڌڻ | 1 | 6 | 3 | 10 |
| -2 | ڳالهائڻ | ج س | ج س | ج س | ج س |
| -3 | پڙهڻ | 1 | 10 | 3 | 14 |
| -4 | لکڻ | 0 | 0 | 14 | 14 |
| -5 | زبان شناسي (وياڪرڻ) | 1 | 4 | 2 | 7 |
| | ڪل | 3 | 20 | 22 | 45 |
| | فيصد | 7 | 44 | 49 | 100 |

جدول 2: گهڻ چونڊائتي سوالن واري پرچي ۽ لکت واري پرچي جي مارڪن جي ورهاست

| نمبر شمار | مهارتون | مارڪن جي ورهاست | | ڪل مارڪون |
|---|---|---|---|---|
| | | گهڻ چونڊائتن سوالن وارو پرچو مقرر وقت 55 منٽ | لکت وارو پرچو مقرر وقت 125 منٽ | |
| -1 | ٻڌڻ | 18 | 0 | 18 |
| -2 | ڳالهائڻ | 0 | 0 | 0 |
| -3 | پڙهڻ | 16 | 30 | 46 |
| -4 | لکڻ | 0 | 30 | 30 |
| -5 | زبان شناسي (وياڪرڻ) | 6 | 0 | 6 |
| | ڪل | 40 | 60 | 100 |

DRAFT

## جدول 3 : امتحاني پرچن جو تفصيل

سنڌي جو امتحان ٻن پرچن تي مشتمل آهي. جنهن جون ڪل مارڪون 100 آهن. پرچو پهريون 40 مارڪن جي گهڻ چونڊائتي سوالن تي ٻڌل آهي، جن جا جواب 55 منٽن ۾ ڏيڻا هوندا آهن. ٻيو پرچو 5 موضوعي / تحريري / مختصر تحريري / تحرير جي فن بابت سوالن تي ٻڌل آهي جنهن جون ڪل مارڪون 60 آهن. انهن سوالن جا جواب 125 منٽن ۾ ڏيڻا هوندا. اهڙي طرح هي امتحان ڪل 180 منٽن جو ٿيندو.

**پهرئين پرچي جو تفصيل:**

هيٺ ڏنل حصن ۽ مارڪن جي حساب سان هي پرچو 40 مارڪن ۾ 55 منٽن جو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| **ٻڌڻ جي مهارت** | ٻڌي سمجهڻ جي مهارت جو پرچو 18 مارڪن جو ٿيندو، جنهن جو ڪل وقت 25 منٽ هوندو، جنهن ۾ ريڪارڊ ٿيل (Recorded) عبارتن کي ٻڌڻ جو وقت شامل آهي. ان حصي ۾ ٻڌڻ جون ٻه عبارتون شامل ٿينديون، جيڪي درسي ڪتاب مان ورتل نه هونديون، انهن مان 18 گهڻ چونڊائتا سوال پڇيا ويندا. اهي اڻ ڏٺل عبارتون چئن سون (400) کان پنجن سون (500) لفظن تي ٻڌل هونديون. **(18 مارڪون)** |
| **پڙهڻ جي مهارت** | سمجهي پڙهڻ جي عبارت / نثري حصو 16 مارڪن جو ٿيندو، هن حصي جي سوالن جي ورهاست هن ريت آهي: هن حصي ۾ ٽن سون (300) کان ساڍن چئن سون (450) لفظن تي ٻڌل ٻه اڻ ڏٺل عبارتون پڙهڻ لاءِ ڏنيون وينديون، جيڪي درسي ڪتاب مان ورتل نه هونديون، هر عبارت مان 8 گهڻ چونڊائتا سوال پڇيا ويندا. **(16 مارڪون)** |
| **زبان شناسي (وياڪرڻ)** | درسي ڪتاب ۾ موجود لفظن، اصطلاحن، مرڪب لفظن، جملن ۽ وياڪرڻ بابت پڇيل ڇهن گهڻ چونڊائتن سوالن جا جواب ڏيڻ: **(6 مارڪون)**<br><br>پڙهڻ جي مهارتن ۽ گرامر زبان شناسي جو وقت 30 منٽ هوندو |

**ٻئي پرچي جو تفصيل:**

هيٺ ڏنل حصن ۽ مارڪن جي حساب سان هي پرچو 60 مارڪن ۾ 125 منٽن ٿيندو.

| | |
|---|---|
| **پڙهڻ جي مهارت** (درسي ڪتاب، سنڌي لازمي، ٻارهين ۽ ٻارهين درجي لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) | • نثر جو ڀاڱو **(15 مارڪون)**<br>• نظم جو ڀاڱو **(15 مارڪون)**<br><br>ڌيان ڪريو ته: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري پاران تيار ڪيل درسي ڪتاب، (سنڌي لازمي، يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ) ۾ موجود سبقن ۽ شاعري مان سکيا جي حاصلات (مقصدن) تي ٻڌل سوال پڇا ويندا. |
| **لکڻ جي مهارت (تخليقي لکت)** | • ڪنهن به مسئلي ۽ معاملي تي تبصرو تحرير ڪرڻ. **( 7 مارڪون)**<br><br>• مضمون نويسي، ڪهاڻي يا مڪالمي لکڻ جي حوالي سان هڪ تصوير ڏني ويندي، جنهن جي سيني پهلوئن ۽ ڏنل اهم نڪتن کي اڳيان رکي مضمون، ڪهاڻي يا مڪالمو لکڻو هوندو. (نوٽ: هنن صنفن مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪرڻي هوندي.) **(15 مارڪون)**<br><br>• خط يا درخواست **(8 مارڪون)** |

DRAFT

# خدمتن جو اعتراف (Acknowledgement)

آغا خان يونيورسٽي ايگزامينيشن بورڊ (AKU-EB) انهن سڀني جي خدمتن جو دل جي گهراين سان شڪر گذار آهي، جن سنڌي اعليٰ ثانوي درجي جي نصاب جي ترتيب ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اسان شڪرگذار آهيون، **آهيون ليڊ اسپيشلسٽ ڪاشف حسين** ۽ اسپيشلسٽ **فرحان خان** (AJU-EB) جا جن، هن نصاب جي ترتيب جي پوري عمل دوران پنهنجين قائدانا صلاحيتن سان سنڌي اعليٰ ثانوي درجي جي نصاب کي مڪمل ڪيو.

اسان خاص طور تي شڪر گذار آهيون هن پينل جا، جنهن نصاب جي تياري ۾ پنهنجي پوري عزم ۽ ڪامل ارادي سان پنهنجو قيمتي وقت ڏنو. پينل ۾ شامل ماهرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

- **اياز علي لغاري**
سينيئر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ سنڌي، آءِ بي اي پبلڪ اسڪول، سکر

- **جاويد احمد مڪئي**
ليڪچرار سنڌي، آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج خيرپور

- **محمد رمضان سنگهڙ**
ليڪچرار سنڌي، آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج اوباوڙو

اسان انهن مبصرن جا بہ انتهائي شڪرگذار آهيون، جن نصاب جي مواد، زبان جي مهارتن ۽ حوالي طور ڪتب آيل ڪتابن بابت پنهنجي قيمتي راءِ سان نوازيو ۽ هن نصاب کي هڪ خاص نقط نظر سان ڏسي، ان ڳالھ کي يقيني بڻايو تہ هن نصاب ۾ اهڙيون مهارتون ۽ مواد شامل آهي، جيڪو شاگردن جي مستقبل لاءِ پڻ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

- **محمد پنهل چاڪراڻي**
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ سنڌي، تعليم ڪاتو سنڌ

- **ظفر علي ابڙو**
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ وي ايم پبلڪ اسڪول ڪراچي

- **محمد ناظم علي خان ماتلوي**
پنجاب ڪاليج ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس حيدرآباد
فارمر وزيٽنگ فيڪلٽي فار بي-ايڊ اينڊ ايم-ايڊ
فارمر ٽيوٽر علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي بي-ايڊ اينڊ ايم-ايڊ

DRAFT

**آفيس جا ٻانهن ٻيلي**

- حتمي مبصر ۽ مشير:
**ڊاڪٽر شهزاد جيوا**
**اڳوڻو** سي اي او، اي ڪي يو اِي بي

**ڊاڪٽر نويد يوسف**
سي اي او، اي ڪي يو اِي بي

- قائد ۽ جائزه ڪار براءِ نصاب : **رابعه هيراڻي**
**مينيجر ڪريڪيولم ڊولپمينٽ**

- سليبس رويو فيسيليٽيٽر : **ماه رخ جيوا**
اسپيشلسٽ ڪريڪيولم ۽ ايگزام ڊولپمينٽ

- ليڊ اسپيشلسٽ رويوور : **ڪاشف حسين**
ليڊ اسپيشلسٽ ڪريڪيولم ائنڊ ايگزام ڊولپمينٽ

- **انتظامي سهولتون ۽ مدد :**
**حنيف شريف**، ايسوسيئيٽ ڊائريڪٽر، آپريشن
**راحيل صدرالدين**، اسسٽنٽ مينيجر براءِ انتظاميه

- ڊزائين سپورٽ: **حاتم يوسف**
ايسوسيئيٽ ڪميونيڪيشنس

**اسين اعداد وشمار ۽ مواد جي تاليف لاءِ شمسا اسسٽنٽ آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ جا پڻ تهِ دل سان مشڪور آهيون جن هن سڄي ڪم جي فارميٽنگ ۾ مدد ڪئي.**

**اسين آغا خان يونيورسٽي ايگزامنيشن بورڊ سان الحاق رکندڙ پوري پاڪستان جي استادن ۽ شاگردن جا پڻ بيحد ٿورائتا آهيون جن پنهنجي قيمتي راءِ سان اسان کي نوازيو.**



DRAFT

DRAFT

Aga Khan University Examination Board

Block-C, IED-PDC, 1-5/B-VII, Federal B Area,
Karimabad, Karachi, Pakistan - 75950

examinationboard.aku.edu
AKUEBOfficial
akuexamboard
AKUEBOfficial
AKUEBOfficial
linkedin.com/school/akueb
examination.board@aku.edu
+92 21 3682 7011-8